# قبرون

## فنا جو پيغام ڏين ٿيون

14شعبان المعظم
(شبِ براءت جي اجتماع جو بيان)



14 شعبان المعظم (شبِ براءَت جي اجتماع جو بيان)

# قبرون فنا جو پيغام ڏين ٿيون

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

✿...ڪاش! تمام ڪفن چور ايئن هجن ها

✿...مُردي کي ٽي ڏينهن ڪان بعد ڏسو ته...

✿...مَلَڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام هر گهر ۾ اچن ٿا

✿... قبر جي وحشت ڪان بچائيندڙ 8 ڪم

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت عَلّامہ محمد بن اَحمد قُرطُبِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: هڪ ڀيري حضرت امام حَسَن بصري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي خدمت ۾ هڪ عورت حاضِر ٿي عرض ڪيائين: منهنجي جوان نياڻي فوت ٿي وئي آهي، مان خواب جي ذريعي ان جو حال ڄاڻڻ چاهيان ٿي، ڪو عَمَل ٻڌايو! امام حسن بصري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ان کي عمل ٻڌايو. عورت گهر هلي وئي، جيڪو ڪجهه ٻڌايو ويو هو، ان تي عَمَل ڪيائين تہ ان خواب ۾ پنهنجي ڌيءُ کي ڏسي تہ ورتو پر اهڙي حالت ۾ ڏٺائين جو ان جي بدن تي تارڪول (*Asphalt* يعني ڏامَر جيڪو روڊ ٺاهڻ ۾ ڪم ايندو آهي، ان) جو لباس آهي، گردن ۾ زنجير ۽ پيرن ۾ ٻيڙيون آهن، هي ڀوائتو منظر ڏسي اها عورت ڏڃي وئي، ٻئي ڏينهن ٻيهر حضرت امام حسن بصري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ وٽ حاضِر ٿي پنهنجو خواب ٻُڌايو. حضرت امام حسن بصري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فوت ٿيل ڇوڪريءَ جي حالت ٻُڌي ڏاڍو غمگين ٿيو. ڪجهه عرصي کان بعد حضرت امام حسن بصري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ خواب ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي ڏٺو، جيڪا جنّت ۾ هڪ تخت تي پنهنجي مٿي تي تاج سجائي ويٺل آهي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي ڏسي اها چوڻ لڳي: مان انهيءَ عورت جي ڌيءُ آهيان، جنهن اوهان کي منهنجي حالت ٻڌائي هئي. امام حسن بصري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمايو: ان توهان کي عذاب ۾ ڏٺو هو، هي انقلاب ڪهڙي طرح آيو؟ مرحُومہ چيو: قبرستان جي ويجهو کان هڪ شخص گذريو، ان مُصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ موڪليو، ان جي درود

شريف پڙهڻ جي برڪت سان الله پاڪ اسان 560 قبر وارن تان عذاب ڪٽي ورتو.[1]

| | |
|---|---|
| بَسُوئے کُوئے مدینہ بڑھو درود پڑھو! | جو تم کو چاہئے جنّت پڑھو درود پڑھو! |

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ٻڌي اوهان درودِ پاڪ جي برڪت! الحمد لله! اسان جو پيارو الله پاڪ پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گهڻي محبت فرمائي ٿو، انهي ڪري ته ان درودِ پاڪ ۾ اهڙيون برڪتون رکيون آهن، ته جيئن ٻانها درودِ پاڪ پڙهندا رهن، محبوبِ رَبّ، سلطانِ عرب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذِڪر ٿيندو رهي ۽ ٻانهن جي بخشش جو سامان پڻ ٿيندو رهي. ڪاش! اسان به ڪثرَت سان درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادَت ٺاهيون. شعبانُ المعظّم ۾ ته خاص ڪري ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ گهرجي جو شعبانُ المعظّم ته آهي ئي **درودِ پاڪ جو مهينو**. شيخ شهابُ الدّين حجازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: بيشڪ شعبانُ المعظّم درود شريف پڙهڻ جو مهينو آهي ڇوجو آيتِ درود يعني سيپاري: 22، سُورت اَحزَاب جي مشهور آيت سڳوري

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّؕ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ (پاره:22،سورهٔ اَحزاب:56) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. |

هي آيت شعبانُ المعظّم ئي ۾ نازِل ٿي.[2]

| | |
|---|---|
| تیری اِک اِک ادا پر اے پیارے! | سَو درودیں فدا، ہزار سلام |
| وہ سلامت رہا قیامت میں | پڑھ لئے جس نے دِل سے چار سلام[3] |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…اَلتَّذْكِره ، جز :1،صفحه:68-
[2]…مَوَاهِبُ اللَّدُنيه ،جلد : 2،صفحه:506 -
[3]…ذوقِ نعت، صفحه:170و171-

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دار ومدار نيتن تي آهي.[1]
پيارا اسلامي ڀائرو! چڱي نيت اَفضَل ترين عَمَل آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! نيت ڪريو: ❖ نگاهون هيٺ ڪري ڌيان سان بيان ٻُڌندس ❖ عِلمِ دين جي تعظيم جي خاطر جيتري دير ٿي سگهيو اَلتَّحِيات جي شڪل ۾ ويهندس ❖ ضرورت مهل سمٽجي، سري ٻين جي لاءِ جڳهه ڪشاده ڪندس ❖ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس ❖ گهورڻ، چڙ ڏيڻ، اٽڪڻ کان بچندس ❖ بيان کان بعد پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس ❖ هٿ ملائيندس ❖ ۽ نيڪي جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ❖ اڄ شَبِ براءَت يعني نجات جي رات آهي ❖ اڄ ڀلائين واري، برڪتن واري، عظمتن واري رات آهي ❖ رحمتن جي ڇما ڇم برسات(ٿيڻ واري رات) آهي ❖ اڄ بخشش ۽ مغفرت جي رات آهي ❖ هن رات رَبّ ڪائنات پنهنجي ٻانهن تي خوب رحمتون نازِل فرمائيندو آهي ❖ اڄ دُعائن جي قبوليت جي رات آهي ❖ اڄ روزي تقسيم ٿيڻ جي رات آهي.

آئی شَبِ براءَت، یہ ہے برکتوں کی رات
لطف وکرم کی رات ہے، یہ رحمتوں کی رات
بارانِ فضل ہوتا ہے اس شب کو ہر گھڑی
خوش بخت ہے جسے ملی یہ عظمتوں کی رات
جو چاہتے ہو، تم کو کرے گا خدا عطا
اس کی عنایتوں کی ہے یہ نعمتوں کی رات
غم کا علاج آج کی شب دستیاب ہے
یہ جاں فزا ہیں ساعتیں، یہ فرحتوں کی رات
کر لو مرض کے واسطے رب سے دُعا ابھی
یہ ہے شفا کی رات، یہ ہے راحتوں کی رات
دامن بڑھاؤ مانگ لو خیراتِ مغفرت
اے عاصیو! ہے جلوہ نما رافتوں کی رات
راضی کرو تمام جو ناراض تم سے ہیں
صلح وصفا کی رات ہے، یہ قُربتوں کی رات

[1]...بخاری، کتاب:بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

## لڪين گنهگارن جي بخشش ٿي ويندي آهي

تمام مسلمانن جي پياري اَمڙ سائڻ **حضرت عائشه صِدِّيقه طَيِّبهَ طاهره** رَضِیَ اللہُ عَنۡھا فرمائن ٿيون: مون هڪ رات سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي بستر مبارڪ تي نہ ڏٺو، ڳولها ڪرڻ تي خبر پئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بقيعِ پاڪ ۾ آهن، پياري نبي، رسولِ هاشمي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ الله پاڪ شعبان جي پندرهين رات آسمانِ دُنيا تي تجلي فرمائي ٿو، پوءِ **هن رات قبيلي بَنُو ڪلب جي ٻڪرين جي وارن ڪان بہ وڌيڪ گنهگارن کي بخشي ڇڏي ٿو.**[1] بَنُو ڪلب عرب جو هڪ قبيلو هو، ڪتابن ۾ لکيل آهي: هي ماڻهو تمام گهڻيون ٻڪريون پاليندا هئا.[2]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! هڪ ٻڪري جي جسم تي جيترا وارا هوندا آهن، ڪير انهن جي ڳڻپ ڪري سگهي ٿو؟ خبر پئي: اَجوڪي رات هزارين، لکين بلڪ ڪروڙين ماڻهن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.

براءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنّم سے | مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ[3]

## قبرون آخرت جي ياد ڏيارين ٿيون

اي عاشقانِ رسول! اسان ٻڌو! سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ شبِ براءَت تي بقيع شريف تشريف وٺي ويا. **بقيع شريف مديني پاڪ جو مشهور قبرستان آهي.** هن روايت مان معلوم ٿيو: اڄ جي رات قبرستان وڃڻ بہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي **مبارڪ ادا** آهي. سالن کان مسلمانن جو معمول آهي تہ شبِ براءَت تي قبرستان ويندا ۽ پنهنجي رشتيدارن ۽ فوت ٿيل مسلمانن جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪندا

---

[1] …ترمذی،کتاب الصوم، صفحہ:207،حدیث:739ملتقطاً۔

[2] … مرقاۃ المفاتیح ،کتاب الصلوٰۃ، جلد:3،صفحہ:339،زیرِ حدیث:1299۔

[3] … وسائلِ بخشش، صفحہ:97 و98۔

آهن. اللہ پاڪ اسان کي بہ هن جي توفيق عطا فرمائي. شبِ براءَت ۾ يا اُن کان عِلاوہ بہ قبرستان وڃڻ گھڻو فائدي مند آهي. اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **قبرن کي ڏسو! بيشڪ قبرن کي ڏسڻ دُنيا کان بي رغبت ڪري ٿو ۽ آخرت جي ياد ڏياري ٿو.**(1)

## دِل جي سختي جو هڪ عِلاج

هڪ ڀيري هڪ عورت اُمُّ المُؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ آيون ۽ دِل جي سختي جو عِلاج پڇيائون، اُمُّ الْمُؤْمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمايو: **موت کي ڪثرت سان ياد ڪيو..!** اها خاتون عِلاج ٻُڌي هلي وئي ۽ ڪثرت سان موت کي ياد ڪرڻ لڳي، ڪجھ ئي ڏينھن ۾ ان کي دِل جي سختي کان شِفَا مِلي وئي، جيئن تہ ھوءَ ٻيھر سندن خدمت ۾ آيون ۽ شڪريو ادا ڪيائون.(2)

قلب سختی میں حد سے بڑھا ہے | بندہ طالِب ترے خوف کا ہے
التجائے غمِ مصطفےٰ ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے(3)

هڪ ڀيري هڪ شخص حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ قَسَاوَت (يعني دِل جي سختي) جي شڪايت ڪئي، پاڻ فرمايائون: قبرستان وڃو ۽ يتيم جي مٿي تي هٿ رکو (يعني هي بہ ڪم ڪرڻ سان توهان جي دِل جي سختي پري ٿي ويندي).(4)

قلب پتھر سے بھی سختی میں بڑھا جاتا ہے | خول پہ خول سیاہی کا چڑھا جاتا ہے
المدد! یاشہِ ابرار مدینے والے | قلب سے خوفِ خُدا دُور ہوا جاتا ہے(5)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]…ابن ماجہ،كتاب الجنائز،باب: ماجاء فی زيارة القبور ،صفحہ:252،حديث:1571۔
[2]… مجموع رسائل ابن رجب ، ذم قسوة القلب ،جلد:1،صفحہ:265۔
[3]… وسائلِ بخشش، صفحہ:134 بتقدم و تاخر۔
[4]… مجموع رسائل ابن رجب ، ذم قسوة القلب ،جلد:1،صفحہ:265۔
[5]… وسائلِ بخشش، صفحہ:432۔

## ڪاش! تمام ڪفن چور ايئن هجن ها...!!

حضرت سعيد بن جُبَير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه وٽ وينا هئاسين، ايتري ۾ هڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو: اي اِبنِ عبّاس! **نافرمان(شخص) الله پاڪ وٽ ڪيترو ذليل آهي! جڏهن تہ الله پاڪ جي اِطاعت ۾ جلدي ڪرڻ وارو ڪيترو سٺو آهي**! اي اِبْنِ عبّاس! گنهگار ماڻهو الله پاڪ جي قُرْب کان ڪيترا غافِل آهن...!! اهو شخص ائين چئي هليو ويو. ماڻهن عرض ڪيو: عالي جاهـ! هي شخص ڪفن چور آهي، اهڙي فِڪرِ آخرت واريون ڳالهيون ڪري هي پنهنجا گُناهـ لڪائي ٿو، جڏهن رات ٿيندي آهي تہ قبرستان وڃي ڪفن چوري ڪندو آهي. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمايو: ايئن نٿو ٿئي سگهي (يعني هڪ ڪفن چور اهڙيون ڳالهيون نٿو ڪري سگهي)، جيستائين مان ان کي پنهنجي اکين سان ڪفن چوري ڪندي نہ ڏسي وٺان، مان يقين نہ ڪندس. ماڻهن عرض ڪيو: ٺيڪ آهي سائين، جيڪڏهن اوها اهو چاهيو ٿا تہ اسان اوهان کي ڏيکاريندا سين. جيئن تہ رات ٿئي، اهو شخص جنهن کي ماڻهو ڪفن چور چئي رهيا هئا، اهو پنهنجي گهران نڪتو، قِندِيل (شيشي جي گولي وارو فانوس) هٿ ۾ پڪڙي قبرستان جي طرف نڪري پيو، ماڻهن حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي ساڻ ڪري ان جي پويان هلڻ لڳا. اهو شخص قبرستان پهتو ۽ قبرستان وارن کي هيئن سلام ڪيائين: **اي تنگ قبرن وارؤ!** توهان تي سلام هجي، **اي جَيتن ۽ ماڪوڙن جي خوراڪ بڻجڻ وارؤ! اي مصيبتن ۾ گرفتار مُرْدئو!** توهان تي سلام هجي. پوءِ چيائين: **اي قبرستان وارؤ!** توهان جو سَفَر ڪيترو ڏکيو آهي! توهان جي راهـ ڪيتري خطرناڪ آهي! ڪاش! مون کي عِلم هجي ها تہ توهان ڪهڙي حال ۾ آهيو؟ پنهنجي دُنياوي زِندگي تي شرمسار آهيو يا بارگاهـ اِلٰهي ۾ حاضِر ٿيڻ تي خوش آهيو. توهان اسان کان پهريان اڳتي پهچي وياءِ اسان توهان وٽ اچڻ جي انتظار ۾ آهيون، جتي توهان رهو پياءِ اسان جو پڻ اتي قيام ٿيندو، الله پاڪ

توهان تي برڪتون نازِل فرمائي! جڏهن اسان قبرن ۾ پهچنداسين، ڪاش! اسان تي رحم ڪيو وڃي.

ان شخص پنهنجي لاءِ هڪ خالي قبر کوٽي رکي هئي، قبرستان وارن سان ڪلام ڪرڻ کان بعد اهو شخص ان خالي قبر ۾ داخِل ٿيو ۽ پنهنجو ڳل زمين تي رکي زور زور سان چوڻ لڳو: هاءِ منهنجي خرابي! جڏهن مون کي اڪيلو قبر ۾ رکيو ويندو، قبر مون کي پُڪاري چوندي: تنهنجي لاءِ خُوش آمديد نہ آهي، مان تنهنجي لاءِ ڪشادي نہ ٿيندیس، تون منهنجي مٿان رهي الله پاڪ جي نافرماني ڪندو هئين، اڄ تون منهنجي اندر آيو آهين، هاڻي مان تو تي تنگ ٿي ويندیس، اڄ توکي مصيبتن ۾ گرفتار ڪيو ويندو. هاءِ افسوس! پوءِ جڏهن قيامت جي ڏينهن مان پنهنجي قبر مان نڪرندس، منهنجي گُناهن جو بوجھ منهنجي پٺي تي هوندو، منهنجا ماءُ پيءُ مون کان پري ڀڄندا، افسوس! اهو حشر جو ميدان جڏهن هڪ پُڪارڻ وارو مون کي پُڪاريندو، مان پنهنجي پاڙيسرين جي صَف مان نڪري سامهون ايندس، منهنجا پوشيده گُناهه کلي چڪا هوندا، مان ماڻهن جي وچ ۾ شرمسار ۽ ذليل بيٺل هوندس، منهنجو غم طويل ٿي ويندو، پوءِ مان رَبّ قهار جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندس. هاءِ افسوس! اهو وقت ڪيترو سخت وقت هوندو. الله پاڪ فرمائيندو: اي بانها! تون گُناهه ڪندي وقت ماڻهن کان تون لڪي ويندو هئين پر مان تہ توکي ڏسي رهيو هوندو هئس، ڇا منهنجو ڏسڻ توهان جي لاءِ ڪجھ اهميت نہ رکندو هو...؟

هي چوندي چوندي اهو شخص بيهوش ٿي ويو، جڏهن اُن کي هوش آيو تہ آسمان جي طرف ڏسندي الله ڪريم کي پُڪارڻ لڳو. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بيهي هي سڄو منظر ڏسي رهيا هئا، هاڻي پاڻ اڳتي وڌيا ۽ جنهن قبر اندر اهو شخص ليٽل هو، ان جي ويجهو وڃي فرمايائون: **پيارا دوست! تو گُناهن کان بچڻ جو ڪيترو پيارو طريقو اپنايو آهي، ها! اهڙي طرح سان گُناهن کي پاڙان پٽي سگهجي ٿو.** پوءِ پاڻ ماڻهن ڏانهن ڏسي فرمايائون: **جيڪڏهن هي**

**ڪفن چور آهي تہ ڪاش! سيئي اهڙا ئي هجن ها.**[1]

چھوڑیں عاداتِ بد بھائیو! موت کی | یاد ہر آن اور دَم بدم چاہیئے [2]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! اهو شخص قبرستان وڃي ڪيئن عبرت حاصِل ڪندو هو ۽ فِڪرِ آخرت ۾ مَصرُوف رهندو هو. ڪاش! اسان کي بہ فِڪرِ آخرت نصيب ٿي وڃي.

## قبرستان وڃي عبرت حاصِل ڪجي!

پيارا اسلامي ڀائرو! قبرستان زبردست عبرت جو مقام آهي. اسان مان هر هڪ کي ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ قبرستان وڃڻ جو اتفاق ٿيندو ئي آهي، جا ڪڏهن غور ڪيو تہ قبرستان جون سوڳوار فضائون، غمناڪ هوائون زبانِ حال سان اِعلان ڪري رهيون آهن: **اي دُنياوي زندگي تي مطمئن رهڻ وارؤ! توهان سيني کي هڪ نہ هڪ ڏينهن هتي ويراني ۾ قبر جي اونهي کڏ ۾ اچڻو آهي.**

موت ٹھہری آنے والی آئے گی | جان ٹھہری جانے والی جائے گی
رُوح رگ رگ سے نکالی جائے گی | تجھ پہ اک دِن خاک ڈالی جائے گی
قبر میں میت اُترنی ہے ضرور | جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور

## مصيبت تہ قبرن جي اندر آهي

نواسہءِ رسول حضرت امام حُسَين رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ بابت روايت آهي تہ پاڻ جڏهن قبرن کي ڏسندا ها تہ فرمائيندا ها: مٿان کان هي قبرون ڪيتريون بهتر لڳن ٿيون، پر مصيبت تہ انهن جي اندر آهي، اللّٰه! اللّٰه! اي اللّٰه جا ٻانهؤ...! دُنيا ۾ مشغول نہ ٿي وڃو! **بيشڪ قبر عَمَل جو گهر آهي،** نيڪ عمل ڪريو! انهن کان

[1]... بستان الواعظين ، صفحہ:166 و167 ملتقطاً۔
[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:515۔

غفلت نہ ڪيو...!![1]

| | |
|---|---|
| قبر روزانہ یہ کرتی ہے پُکار | مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بے شُمار |
| یاد رکھ! میں ہوں اندھیری کوٹھڑی | تجھ کو ہو گی مجھ میں سُن! وحشت بڑی |
| میرے اندر تو اکیلا آئے گا | ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا |
| گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا | بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا |
| کرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی |

پيارا اسلامي ڀائرو! اها واقعي حقيقت آهي! بظاهر قبرستان ۾ خاموشي هوندي آهي، هر پاسي دهشت ڇانيل هوندي آهي پر انهن قبرن جي اندر جو ماحول اهڙو نہ آهي، قبرون مٿان ڪان صِرف مٽي جو هڪ ڍير نظر اچن ٿيون پر انهن جو اندروني معاملو انتهائي تشويش ناڪ آهي، ڪنهن کي خبر ناهي تہ ان سان قبر ۾ ڇا ٿيندو. الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: **قبر جو منظر سڀني منظرن ڪان وڌيڪ هولناڪ آهي.**[2]

## قبر جو سڀ ڪان پهريون ڪلام

حضرت مجاهد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انسان ڪان قبر سڀ ڪان پهريون ڪلام اهو ڪندي آهي: مان ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهيان، مان تنهائي جو گهر آهيان، مان وحشت جو گهر آهيان، مان اونداهي جو گهر آهيان، هي اهو آهي جيڪو مون تو لاءِ تيار ڪيو، ٻڌاءِ! **تو منهنجي لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟**[3]

| | |
|---|---|
| تُو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا | زمیں کی خاک پر سونا ہے اینٹوں کا سرہانا ہے |
| نہ بیلی ہو سکے بھائی، نہ بیٹا باپ تے مائی | تُو کیوں پھرتا ہے سودائی عَمل نے کام آنا ہے |

---

[1]... بستان الواعظين ،مجلس فی ذکر القبور،حکایۃ عن الحسين،صفحہ:157۔

[2]...ترمذی،کتاب الزہد،باب:ما جاء فی ذکر الموت،ص554 ،حديث:2308 ۔

[3]... احياء العلوم،کتاب ذکر الموت و ما بعده،بيان حال القبر و اقاويلهم عند القبور،جلد:4،صفحہ:588۔

## مردي کي ٿن ڏينهن کان بعد ڏسو ته...!

اَمِيرُ المُؤمنين حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ پيري پنهنجي ڪنهن دوست کي فرمايو: ادا! موت جي ياد منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي، مان سڄي رات جاڳندو رهيس ۽ قبر وارن جي باري ۾ سوچيندو رهيس، اي ڀاءُ! جيڪڏهن تون ٽن ڏينهن کان پوءِ مڙدي کي ان جي قبر ۾ ڏسين ته هڪ ڊگهي عرصي تائين زندگيءَ ۾ ان سان گڏ رهڻ باوجود توکي ان کان وحشت ٿيڻ لڳي ۽ جيڪڏهن تون ان جو گهر يعني ان جي قبر جو اندريون حصو ڏسين جنهن ۾ ڪيڙا سُري رهيا آهن ۽ جسم کي کائي رهيا آهن، پونءِ وهي رهي آهي، سخت بدبوءِ اچي رهي آهي ۽ ڪفن به ڳري چڪو آهي. هاءِ! افسوس! غور ته ڪريو! اهو ئي مڙدو جنهن وقت زنده هو، خوبصورت هو، خوشبو به سٺي استعمال ڪندو هو، ڪپڙا به عمدا پائيندو هو...!! راوي چوي ٿو: ايترو چوڻ کان پوءِ حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تي رِقّت طاري ٿي وئي، هڪ رڙ ڪيائون ۽ بيهوش ٿي ويا. (1)

## قبر جي دِل ڏڪائيندڙ ڳالهه

حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ جنازي سان گڏ قبرستان تشريف وٺي ويا، اتي هڪ قبر وٽ ويهي سوچ ويچار ڪرڻ لڳا، ڪنهن عرض ڪيو: اي اَمِيرُ المُؤمنين! اوهان هتي اڪيلا ڪيئن تشريف فرما آهيو؟ فرمايائون: ”هاڻي هاڻي هڪ قبر مون کي سڏي چوڻ لڳي: اي عمر بن عبدالعزيز مون کان ڇونه ٿو پڇين ته مان پنهنجي اندر اچڻ وارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪريان ٿي؟ مون انهيءَ قبر کي چيو: مون کي ضرور ٻڌاءِ. اها چوڻ لڳي: جڏهن ڪو منهنجي اندر ايندو آهي ته مان ان جو ڪفن ڦاڙي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ۽ ان جو گوشت کائي ڇڏيندي آهيان، ڇا توهان مون کان هي نه پڇندؤ ته مان ان جي سَنڌن سان ڇا ڪندي آهيان؟ مون چيو، ضرور ٻڌاءِ. ته چوڻ لڳي: مان هٿن کي ڪرائين کان،

---

(1) ... احياء العلوم،كتاب ذكر الموت و ما بعده،بيان حال القبر و اقاويلهم عند القبور،جلد:4،صفحه:588۔

گوڏن کي پنين کان ۽ پنين کي قدمن کان جدا ڪري ڇڏيندي آهيان. ايترو چوڻ کان بعد حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه سڏڪا ڀري روئڻ لڳا.[1]

اندھیری قبر کا دِل سے نہیں نکلتا ڈر | کروں گا کیا جو تُو ناراض ہوگیا یارَبّ!
گنہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یارَبّ![2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ٿورو غور ڪيو! ھي مٽي جا ننڍا ڍير جن کي اسان ڏسي ڪجھ نوٽس وٺڻ بغير دُنياوي خيالن ۾ گم ٿئي گذري ويندا آهيون، ان مٽي جي ڍيرن جو اندروني معاملو ڪيترو ھولناڪ آهي پر افسوس! اسان عبرت نٿا وٺون. اسان دُنيا جي محبت ۾ اھڙا گم ٿي ويا آهيون جو اسان کي قبر ياد ئي نٿي اچي. افسوس! دِل جي سختي...!! اسان پنھنجي ھٿن سان قبر ۾ مردا لاھيون ٿا، ڪنھن جو والِد دُنيا مان موڪلائي ويو، ڪنھن پنھنجي ڀاءُ کي پاڻ قبر ۾ لاٿو، ڪو پنھنجي عزيز جو جنازو پڙھي رھيو آهي، ڪو پنھنجي دوست جون اکيون بند ڪري رھيو آهي پر افسوس! دِل گُناھ ڪري ڪري اھڙي سخت ٿئي وئي آهي جو غفلت پري ٿئي نٿي. ڪاش! اسان عبرت وٺڻ وارا بڻجي وڃون! ڪاش! اسان کي قبر ۽ آخرت جي فِڪر نصيب ٿي وڃي.

گو پیشِ نظر قبر کا پُر ہَول گڑھا ہے | افسوس مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی

## قبر جا دڙڪا

**اي عاشقانِ رسول!** اسان عبرت حاصل ڪيون يا نہ، اسان کي فِڪر ھجي يا نہ ھجي، موت تہ ھر حال ۾ اچڻو ئي اچڻو آهي، افسوس خبر ناھي ڪڏھن موت اچي وڃي. ھاءِ افسوس! مرڻ کان بعد اسان کي سخت اندھيري ۽ ننڍڙي قبر ۾ لاھي بند ڪيو ويندو، اسان جيتوڻيڪ بظاھر ڇُري بہ نہ سگھنداسين پر سڀ ڪجھ سمجھي رھيا ھونداسين، ھاءِ! ان وقت اسان تي ڇا گذري رھي ھوندي؟

---

1... اَلرَّوضُ الْفائِق، مجلس الثامن عشر فی قولہ تعالیٰ: یوم تبیض وجوہ،صفحہ:107مُلَخَّصاً ۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:78۔

افسوس! اسان جون نافرمانيون...! جيڪڏهن الله پاڪ اسان کان ناراض ٿي ويو تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ حضرت عبد الله بن عبيد رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبيءِ، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن مردي سان گڏ ايندڙ موٽي ويندا آهن تہ مردو ويهي انهن جي قدمن جو آواز ٻڌندو آهي ۽ قبر کان پهريان کو ان کان هم ڪلام ناهي ٿيندو، قبر چوندي آهي: **اي انسان! ڇا تو منهنجا حالات نہ ٻُڌا ها؟ ڇا منهنجي تنگي، بدبُو، هولناڪي ۽ جيتن کان توکي نہ ڊيڄاريو ويو هو؟ جيڪڏهن ايئن هو تہ پوءِ تو ڇا تياري ڪئي؟**[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو تہ سهي! ان وقت جڏهن اسان قبر ۾ اڪيلا هونداسين، خوف طاري هوندو، نہ ڪيڏانهن وڃي سگهنداسين، نہ ڪنهن کي سڏي سگهنداسين ۽ ڀڄي نڪرڻ جي بہ ڪا صُورت نہ هوندي، ان وقت قبر جي هنيانءِ ڦاريندڙ پُڪار ٻُڌي ڇا گذرندي!

| | |
|---|---|
| قبر میں آہ گھپ اندھیرا ہے | روشنی ہو پئے رضا یارب! |
| سانپ لپٹیں نہ میرے لاشے سے | قبر میں کچھ نہ دے سزا یارب! |
| نورِ احمد سے قبر روشن ہو | وحشتِ قبر سے بچا یارب![2] |

## آقا ڪريم زارو قطار رَوئڻ لڳا...!

اِبنِ ماجہ شريف جي روايت آهي، حضرت بَرّاء بن عازِب رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان الله پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين جو تدفين جي وقت پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ قبر جي پرسان ويهي زار و قطار رَوئڻ لڳا، پاڻ ڪريم ايترا تہ رُنا جو قبر جي مٽي آلي

---

[1]... شرح الصّدوْر، باب :مخاطبۃ القبر للميت، صفحہ: 86۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:80۔

ٿي وئي. پوءِ فرمايائون: لِمِثْلِ هٰذَا فَاعِدُّوْا يعني ان جي لاءِ تياري ڪيو...![1]

| | |
|---|---|
| نیکیاں کر جلد تُو بدیوں سے بھاگ | قبر میں ورنہ بھڑک اُٹھے گی آگ |

## هاءِ موت

حضرت عطا سُلَمِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مبارڪ عادت هئي جو جڏهن رات ٿيندي هئي تہ قبرستان جي طرف نڪري ويندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: اي اَهلِ قبور! توهان مري ويؤ، **هاءِ موت!** توهان پنهنجا عَمَل ڏسي ورتا، **هاءِ عَمَل!** پوءِ فرمائيندا هئا: هاءِ افسوس! سڀاڻي عطا بہ قبر ۾ هوندو، هاءِ! سڀاڻي عطا بہ قبر ۾ هوندو. اهڙي طرح روئيندي سڄي رات گذاري ڇڏيندا هئا.[2]

| | |
|---|---|
| اندھیری قبر کا دِل سے نہیں نکلتا ڈر | کروں گا کیا جو تُو ناراض ہو گیا یاربّ! |
| گنہگار ہوں میں لائِقِ جہنّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ![3] |

## ڍڳي وانگر رڙين جو آواز

حضرت يزيد رقاشي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه موت کي ڪثرت سان ياد رکڻ وارن مان هئا. جڏهن قبرن کي ڏسندا هئا تہ قبر جي اونداهي ۽ اڪيلائي جي وحشت وغيره جي خوف کان ايترا بي قرار ٿي ويندا هئا جو ڍڳي وانگر رڙين جو آواز نڪرندو هو..[4]

## ڪيئي ڏينهن تائين چراغ نہ ٻاريندا ها

حضرت هِشَام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي عادَت هئي پاڻ جڏهن بہ قبرستان ويندا ها تہ واپس اچڻ کان بعد ڪيئي ڏينهن تائين گهر ۾ چراغ نہ ٻاريندا ها ۽ فرمائيندا

---

1...ابن ماجہ،کتاب الزہد،باب: الحزن و البکاء ،صفحہ:681،حدیث:4195۔

2... احیاء العلوم،کتاب ذکر الموت و ما بعدہ،بیان حال القبر و اقاویلہم عند القبور،جلد:4،صفحہ:589۔

3...وسائلِ بخشش، صفحہ:78۔

4... احیاء العلوم،کتاب ذکر الموت و ما بعدہ، جلد:4،صفحہ:588،مردے کے صدمے،صفحہ:18ملتقطاً۔

ها: ايئن (يعني گهر ۾ انڊيرو ڪري) مان قبر جي اونداهيءَ کي ياد ڪيان ٿو.[1]

ڪاش! اسان کي بہ قبر جي اونداهي جو فِڪر ٿئي. ڪاش! اسان بہ قبر جي ان وحشت ۽ تنهائي کي ياد ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. ڪاش! اکين تان غفلت جا پردا هٽي وڃن، دِل دُنيا کان بيزار ٿي وڃي، گُنَاهن کان نفرت نصيب ٿئي ۽ اسان قبر روشن ڪرڻ وارن ڪمن ۾ مَصرُوف ٿي وڃون.

## قبرون فَنَا جو پيغام ڏين ٿيون

اي عاشقانِ رسول! موت مٿي تي آهي، قبرستان ۾ هر ايندڙ ڏينهن نئين قبرن جو اِضَافو اسان کي **فَنَا جو پيغام** ڏئي رهيو آهي. اسان مان ڪير ڪهڙي وقت موت جي سيڙهي لهي قبر جي گهرائي ۾ وڃي پهچندو؟ ڪنهن کي خبر نہ آهي. اسان هن دُنيا ۾ آيا تہ هڪ ترتيب سان آهيون يعني پهريان ڏاڏو، پوءِ پيءُ، پوءِ پٽ، پوءِ پوٽو، دُنيا ۾ اچي ٿو پر مرڻ جي بہ اها ئي ترتيب هجي، اهو ضروري نہ آهي. ڪيئي پيرا پوڙهو ڏاڏو زنده هوندو آهي پر پوٽو موت جو شڪار ٿي ويندو آهي، ڪنهن جو نانو سائين حيات هوندو آهي پر اَمڙ سائڻ جُدائي جو صدمو ڏئي ويندي آهي. اسان مان ڪنهن جي گهران ان جي پياءُ جو جنازو ڪڇو هوندو، ڪنهن جي امڙ نگاهن سامهون دم ٽوڙيو هوندو، ڪنهن جي پيءُ موت کي ڳلي لڳايو هوندو، ڪنهن جو جوان پٽ حادثي جو شڪار ٿي موت سان مليو هوندو، ڪنهن جي ڏاڏي جان قبر ۾ پهچي چڪي هوندي تہ ڪنهن جي ناني جان جو وصال ٿي ويو هوندو، پنهنجي فوت ٿيڻ وارن انهن عزيزن جيان هڪ ڏينهن اسان بہ اوچتو هي دُنيا ڇڏي ويندا سين. پوءِ اسان جو بہ قبر ۾ نڪاڻو ٿيندو، افسوس! اهو تنهائي جو گهر هڪ ڏينهن اسان جو مستقل مسڪن (يعني رهائش جو مقام) بڻجڻ وارو آهي.

دِلا غافل نہ ہو یک دَم یہ دُنیا چھوڑ جانا ہے | بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے
ترا نازُک بدن بھائی جو لیٹے سیج پھولوں پر | یہ ہوگا اِک دِن بے جاں، اسے کیڑوں نے کھانا ہے

---

[1]... تَنْبِيهُ الْمُغْتَرِّيْن، صفحہ:86۔

| | |
|---|---|
| تُو اپنی موت کو مت بھول کر سامان چلنے کا | زمیں کی خاک پر سونا ہے، اینٹوں کا سرہانا ہے |
| عزیزا یاد کر جس دن کہ عزرائیل آئیں گے | نہ جاوے کوئی تیرے سنگ اکیلا تُو نے جانا ہے |
| غُلام اِک دَم نہ کر غفلت حیاتی پہ نہ ہو غُرّہ | خدا کی یاد کر ہر دَم کہ جس نے کام آنا ہے |

## قبر جو هڪ عبرتناڪ ڪتبو

حضرت محمد بن سَمَّاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان قبرستان ويس، منهنجي نظر هڪ قبر جي ڪتبي تي پئي، ان تي هي عبرتناڪ شعر لکيل هئا:

| | |
|---|---|
| تَمُرُّ اَقَارِبِي جَنْبَاتِ قَبْرِي | كَاَنَّ اَقَارِبِي لَمْ يعْرِفُوْنِي |

منهنجا عزيز منهنجي قبر جي پرسان ايئن لنگهي وڃن ٿا، جيئن اهي مون کي سڃاڻن ئي نٿا.

| | |
|---|---|
| وَ قَدْ اَخَذُوْا سِهامَهمْ وَ رَاحُوْ | فَيا لِلّٰه اَسْرَعُ مَا نَسُوْنِي |

انهن وراثت مان پنهنجا حِصا ورتا ۽ راحت ماڻي، افسوس! منهنجي عزيزن ڪيترو جلدي مون کي وساري ڇڏيو.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڪيتري عبرت جي ڳالهه آهي! اسان جي دُنيا مان وڃڻ کان بعد ڪجهه ڏينهن روج راڙو ٿيندو، قُلَ شريف جو ختم، پوءِ ڏهو، چاليهو، ڪجهه عرصي قبر تي اچڻ ۽ فاتحه پڙهڻ جو سلسلو پڻ ٿيندو پوءِ... آهستہ آهستہ اُنهن جي ذهنن مان اسان جو خيال تائين لهي ويندو. افسوس! ڪجهه سال اسان جي قبر جو نشان رهندو، پوءِ آهستہ آهستہ اهو نشان بہ مٽي ويندو ۽ اسان ايئن ٿي ويندا سين جيئن ڪڏهن دُنيا ۾ آيا ئي نہ هئاسين.

| | |
|---|---|
| بے وفا دُنیا پہ مت کر اعتبار | تُو اچانک موت کا ہو گا شکار |
| موت آ کر ہی رہے گی یاد رکھ | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ |
| کام مال و زر نہیں کچھ آئے گا | غافل اِنساں یاد رکھ پچھتائے گا |
| گورِ نیکاں باغ ہو گی خُلد کا | مجرِموں کی قبر دوزخ کا گڑھا |

[1]... بستان الواعظين ،مجلس في ذكر القبور،بكر بن حماد،صفحہ:158۔

## موت کان ڪنهن کي ڇوٽڪارو نہ ملندو

پيارا اسلامي ڀائرو! هي دُنيا فاني آهي، واقعي فاني آهي، افسوس! موت اچڻو آهي، ضرور اچڻو آهي. جڏهن اسان دُنيا ۾ آياسين، هاڻي موت کي گلي لڳائڻو ئي پوندو. اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِیْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِیْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَیْبِ وَ الشَّهَادَةِ فَیُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ۠ ﴿۸﴾

(پاره:28،سورۂ جمعه:8)

ترجموڪنز العرفان: بيشڪ اهو موت جنهن کان توهان ڀڄو ٿا سو اهو ضرور توهان کي ملڻ وارو آهي پوءِ توهان ان جي طرف ڦيريا ويندؤ جيڪو هر غيب ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارو آهي پوءِ اهو توهان کي توهان جا عمل ٻڌائي ڇڏيندو.

## مَلَڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام هر گهر ۾ اچي ٿو

اسان هي حقيقت ڄاڻون ٿا پر افسوس! دُنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي موت کي ايئن وساري ڇڏيون ٿا جيئن اسان کي مرڻو ئي ناهي، پر ياد رکو! اسان موت کي وساريون ٿا پر **موت اسان کي نٿو وساري**. حضرت امام حَسَن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مَلَڪ المَوت عَلَيْهِ السَّلَام روزانو هر گهر ۾ 3 ڀيري تشريف آڻي ٿو ۽ غور سان ڏسي ٿو، انهن مان جنهن جو رِزق پُورو ٿي چڪا هجي، ان جو رُوح قبض ڪري ٿو، جڏهن رُوح قبض ٿيندو آهي تہ انسان جا گهروارا روئڻ شروع ڪندا آهن، ان وقت مَلَڪ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام دروازي تي بيهي فرمائيندو آهي: مون توهان جو ڪو قُصُور ناهي ڪيو، مان تہ اللہ پاڪ جي طرفان مُقَرَّر آهيان، مون کي توهان وٽ هر هر اچڻو آهي، ايستائين جو

توهان مان ڪو به نه بچندو.[1]

| | |
|---|---|
| گر جہاں میں سو برس تُو جِی بھی لے | قبر میں تنہا قیامت تک رہے |
| جب فرشتہ موت کا چھا جائے گا | پھر بچا تجھ کو نہ کوئی پائے گا |
| موت آئی پہلواں بھی چل دیئے | خوبصُورت نوجواں بھی چل دیئے |
| دُنیا میں رِہ جائے گا یہ دبدبہ | زور تیرا خاک میں مل جائے گا |
| کھلکھلا کر ہنس رہا ہے بے خبر | قبر میں روئے گا چیخیں مار کر |
| کرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی |

## هڪ بادشاھ جو عبرتناڪ واقعو

حضرت وھب بن مُنَبّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ بادشاھ هو، اللّٰه پاڪ ان کي گهڻين نعمتن سان نوازيو هو، تمام وڏي سلطنت هئي، شاهي زِندگي وڏي مزي سان گذري رهي هئي، هڪ ڏينهن بادشاھ سلامت پنهنجي سلطنت جو دَورو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. تياريون شروع ٿيون، بادشاھ سلامت جي لاءِ ڪپڙا حاضِر ڪيا ويا، بادشاھ هڪ سُوٽ ڏٺو، پسند نہ آيو، ٻيو ڏٺو، اهو بہ پسند نہ آيو، سوين لباس ڏٺا، آخر انهن مان هڪ سُوٽ پسند آيو، بادشاھ سلامت اهو سُوٽ پاتو. وري سواري جي لاءِ گهوڙا حاضِر ڪيا ويا، بادشاھ سلامت سوين گهوڙن مان پنهنجي مرضي جو هڪ گهوڙو پسند ڪيو، پوءِ لشڪر حاضِر ٿيو، وڏي شان ۽ شوڪت سان بادشاھ سلامت سفر تي روانو ٿيو. اهڙا ٺَٺَ...!! ايڏو شان و شوڪت (ڏسي)...! بادشاھ سلامت غرور ۾ مبتلا ٿي ويو، تڪبر اچي ويو، هاڻي بادشاھ سلامت تڪبر جي نشي ۾ بدمست پنهنجي سلطنت جو دورو ڪري رهيو هو، غرور ۽ تڪبر جي ڪري ماڻهن ڏانهن ڏسڻ بہ پسند نہ هو.

انهيءَ غرور ۾ سَفر جاري هو تہ هڪ غريب شخص بادشاھ جي سامهون آيو، پُراڻا ڪپڙا، ظاهري حال بہ سنو نہ هو، ان شخص بادشاھ کي سلام ڪيو.

---

[1]...شرح الصّدُور مترجم، صفحہ:107۔

بادشاه سلامت تہ غرور و تڪبر جي نشي ۾ هو، غريب ماڻهو کي جواب ڏيڻ ان کي ڪڏهن وڻي ها. ان شخص چيو: بادشاه سلامت! مون کي اوهان ۾ ضروري ڪم آهي. بادشاه سلامت اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. هاڻي ان غريب شخص وڏي دليري سان اڳتي وڌي گهوڙي جو لگام پڪڙي ورتو. هاڻي تہ بادشاه ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو لال ٿي ويو ۽ رڙ ڪندي چيائين: اي شخص! لگام ڇڏ...! ان غريب شخص وري وڏي سادگي سان چيو: بادشاه سلامت! مون کي اوهان ۾ نهايت ضروري ڪم آهي. بادشاه سلطنت جي دوري تي هو، ڳالهہ نہ ٻڌي ها تہ ماڻهو ڳالهيون ڪن ها، ان ڪري پنهنجي عزّت رکڻ جي لاءِ چيائين: ٻڌايو! ڪهڙو ڪم آهي؟ غريب شخص چيو: هڪ راز جي ڳالهہ آهي، ڪن ۾ ٻڌائيندس. بادشاه گهوڙي تي ويهي ئي مٿو جهڪايو، اُن شخص بادشاه جي ڪن ۾ چيو: بادشاه سلامت! مان مَلَڪ المَوت آهيان، توهان جو رُوح قبض ڪرڻ آيو آهيان.

اَللّٰهُ اَڪۡبَرۡ! هاڻي تہ بادشاه سلامت جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي، بادشاه ڏڪڻ لڳو، چهري جو رنگ بہ بدلجي ويو، خوف مان ڏڪندي بادشاه وڏي عاجزي سان چيو: اي مَلَڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام! هن وقت مون کي مهلت ڏيو! سلطنت جو دورو پُورو ڪري وٺان، گهر پهچي وڃان، پوءِ اوهان رُوح قبض ڪجو. مَلَڪ المَوت عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: **الله پاڪ جو قسم!** هاڻي توهان پنهنجي سلطنت کي نہ ڏسي سگهندؤ، توهان کي پنهنجي اَهل و عيال وٽ وڃڻ جي بہ مهلت نہ ملي سگهندي. مَلَڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام ايترو چئي بادشاه جو رُوح قبض ڪيائين، ڪجهہ ئي دير پهريان غرور و تڪبر جي نشي ۾ آڪڙجي هلڻ وارو بادشاه زمين تي ڪِريو ۽ هميشہ جي ننڊ سمهي رهيو.

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں
کُوچ ہاں! اے بے خبر ہونے کو ہے

سامان سو برس کا ہے، پَل کی خبر نہیں
کب تلک غفلت..! سحر ہونے کو ہے

## بيشڪ قبر توهان جي سامهون آهي

هڪ ڀيري حضرت اِبنِ حمّاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قبرستان تشريف وٺي ويا، پاڻ قبرن کي ڏسي موت جو شڪار ٿيندڙن بابت سوچ ويچار ڪري روئڻ لڳا، روئيندا رهيا، روئيندا رهيا، ايستائين جو ڏاڙهي مبارڪ ڳوڙهن سان پرجي وئي، پوءِ عربي جا شعر پڙهي فرمايائون: انسانو! خُدا جو قسم! نيڪ اَعمَال ۾ ڪوشش ڪريو! بيشڪ قبر توهان جي سامهون آهي، موت توهان کي ڳولهي رهيو آهي، جيڪو توهان جمع ڪري رکيو آهي، عنقريب اهو ورهايو ويندو، جيڪي عمارتون توهان تعمير ڪري رهيا آهيو، عنقريب ويران ٿي وينديون، پوءِ توهان کي تنگ قبر ۾ لاٿو ويندو، پوءِ جنهن وٽ نيڪ عملن جي سوغات هوندي، اُن جي قبر جنّت جي باغن مان باغ بڻجندي پر جيڪو نادان نيڪيون جمع ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو هوندو، ان جي قبر جهنّم جي کڏن مان هڪ کڏ بڻائي ويندي. **اي پيائرو! جلدي سان نيڪ عمل جمع ڪري وٺو...!**(1)

## قبر جي تيار ڪريو...!

اي عاشقانِ رسول! موت واقعي مٿي تي بيٺل آهي، افسوس! خبر ناهي ڪڏهن مَلَڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام ايندا ۽ اسان کي موت جي ننڊ سمهاريندا، ان کان پهريان جو گهڙي دير ٿي وڃي، اسان کي گهرجي تہ جلد از جلد قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مَصرُوف ٿي وڃون. علّامہ اِبنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **اي پياءُ!** جيڪڏهن توهان اِهو ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ توهان جي مرڻ کان بعد قبر ۾ توهان جو ڪهڙو حال ٿيندو تہ ان جي لاءِ قبرستان وڃو! اتي موجود قبرن کي ڏسي غور و فِڪر ڪريو! خيالن ئي خيالن ۾ ڏسو تہ توهان گهپ اندهيري قبر ۾ ليٽيل آهيو، هاڻي غور ڪيو تہ قبر ۾ توهان کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي؟ يقيناً توهان جو ضمير چوندو تہ مون کي ان وقت نيڪ عملن جي ضرورت هوندي. هاڻي هي غور ڪريو تہ جيڪڏهن توهان کي هينئر موت اچي وڃي تہ

1... بستان الواعظين ،مجلس فی ذکر القبور،بکر بن حماد،صفحہ:158۔

توهان وٽ قبر ۾ ڪم ايندڙ عمل موجود آهن؟ جيڪڏهن توهان پنهنجي انهيءَ حالت تي مرڻ جي لاءِ تيار آهيو، توهان وٽ ايترا نيڪ عمل آهن جو جن جي بدولت توهان قيامت تائين جي لاءِ قبر ۾ آرام سان رهي سگھندؤ ته پنهنجي انهيءَ حالت تي قائِم رهو ۽ استقامت سان نيڪ عمل ڪندا رهو ۽ جيڪڏهن ايئن نه آهي، توهان جا عمل قبر ۾ ڪم اچڻ وارا نه آهن، بلڪ توهان جا ڪم قبر جي عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ وارا آهن ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ جهڪي وڃو...! ۽ **هڪدم توبه ڪري قبر جي تياري شروع ڪريو...!** (1)

## تَوبه ڪري وٺو...!

اي عاشقانِ رسول! اڄ شبِ براءَت آهي، جهنّم کان ڇوٽڪاري جي رات آهي، بخشش ۽ مغفرت جي رات آهي. اچو! اڄ گُناهن کان سچي پڪي تَوبه ڪري وٺون، پهريان جيڪي گُناهه ٿيا، سي ٿيا، اَڄُ پنهنجي رَبّ ڪريم کان انهن گُناهن جي معاف گهري وٺون، حق دارن جا حق ادا ڪري اڄ کان نيڪ ڪمن ۾ مَصرُوف ٿئي، قبر و آخرت جي تياري شروع ڪريون ٿا. بيشڪ اسان جي رَبّ رحمٰن ۽ رحيم جي رحمت تمام وڏي آهي، جيڪڏهن اسان سچي دِل سان توبه ڪريون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيم! بخشش ۽ مغفرت جي خيرات مِلي ئي ويندي. سيپاري: 24، سورت زُمَر، آيت:53 ۾ ارشاد آهي:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾

(پاره:24،سورۃ زُمَر:53)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي منهنجا اهي ٻانها جن پنهنجي پاڻ تي زيادتي ڪئي! الله جي رحمت کان مايوس نه ٿجو. بيشڪ الله سمورا گناهه بخشي ڇڏيندو آهي. بيشڪ اهو ئي بخشڻ وارو مهربان آهي.

---

1 ... بستان الواعظين ،مجلس فی ذکر القبور،العبرۃ بالقبور،صفحہ:156۔

## 3 ڀيرا مغفرت جي دُعا جي برڪت

امام اَبُو اللَّيث سمر قندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: گذريل قومن ۾ هڪ شخص هو، ان گهڻا گُنَاهه ڪيا هئا، هڪ ڀيري ان پنهنجي اڳوڻي زِندگي بابت سوچيو، گُنَاهن بابت غور و فِڪر ڪيائين ته ان کي شرمساري ٿي، ان پشيمان ۽ شرمسار ٿئي ڪري 3 ڀيرا چيو: اَللّٰهُمّ غُفْرَانَکَ، اَللّٰهُمّ غُفْرَانَکَ، اَللّٰهُمّ غُفْرَانَکَ مولىٰ! تنهنجي بخشش... اِلٰهي! تنهنجي بخشش، اي الله پاڪ! تنهنجي بخشش. انهيءَ لمحي ان کي موت اچي ويو ۽ الله پاڪ ان جي بخشش فرمائي ڇڏي.[1]

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے شُمار جرم | دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا

## ٻانها 3 قسم جا آهن

حضرت مڪحُول رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن الله پاڪ پنهنجي نبي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي زمين ۽ آسمان جي بادشاهت ڏيکاري ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ڏٺو، هڪ شخص بدڪاري ۾ مبتلا آهي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ان جي خِلاف دُعا ڪئي، اهو شخص انهيءَ وقت هلاڪ ٿي ويو، وري ٻاڻ ڏٺائون: هڪ شخص چوري ڪري رهيو آهي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ان جي خِلاف به دُعا گهري، اهو شخص به هلاڪ ٿي ويو.

ان تي الله پاڪ فرمايو: اي ابراهيم! منهنجي ٻانهن کي ڇڏي ڏيو! بيشڪ منهنجا ٻانها 3 قسمن جا آهن: (1): هڪ ته اهو آهي جيڪو تَوبه ڪري وٺي ٿو، لهٰذا مان ان جي توبه قبول فرمائي ان جا گُنَاهه بخشي ڇڏيان ٿو (2): ٻيو اهو آهي جيڪو ٻاڻ ته تَوبه نٿو ڪري پر ان جو اَولاد نيڪ هوندو آهي جيڪو منهنجي عبادت ڪري ٿو (3): ٽيون اهو شخص آهي جو جنهن تي بدبختي غالِب اچي ويندي آهي، هو تَوبه جي طرف وڌندو ئي نه آهي، اهڙي شخص جو انجام جهنّم آهي.[2]

---

[1]...تنبيه الغافلين، صفحه:53۔

[2]...تنبيه الغافلين، صفحه:53۔

پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي: جيڪو ٻانهو گُنَاهن تي شرمسار ٿئي ۽ الله پاڪ جي طرف رُجُوع ڪري، تَوبہ ڪري، پنهنجي گُنَاهن جي مُعَافي گهري تہ الله پاڪ ان جي توبہ قبول فرمائي بخشش و مغفرت سان نوازيندو آهي. جڏهن تہ اهو بدبخت جيڪو گُنَاهن تي قائم آهي، نافرمانين تي شرمسار ناهي ٿيندو، توبہ ناهي ڪندو، پنهنجي رَبّ ڪريم جي دَر تي ناهي جهڪندو، ايستائين جو گُنَاهُ ان کي پنهنجي وڪڙ ۾ وڪوڙي ڇڏين ٿا، ان تي بدبختي غالب ايندي آهي، اهڙي شخص جو انجام جهنّم آهي.

بڑی کوششیں کیں گنہ چھوڑنے کی
رہے آہ! ناکام ہم یااِلٰہی!
مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حرم یااِلٰہی!
سدا کے لئے ہو جا راضی خدایا
ہمیشہ ہو لطف و کرم یااِلٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر جي وحشت کان بچائڻ وارا 8 ڪم

فَقِيہ اَبُواللَّيث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو قبر جي تنهائي ۽ گهبراهٽ کان بچڻ چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ 4 ڪم اختيار ڪري ۽ 4 ڪمن کان پاسو ڪري. جيڪو بہ ايئن ڪندو اهو قبر جي تنهائي ۽ گهبراهٽ کان بچي ويندو.

4 ڪم جن کي اختيار ڪرڻو آهي: **1**:نماز **2**:صدقو **3**: تلاوتِ قرآن **4**: ذِڪرُ الله جي ڪثرت، انهن 4 نيڪ اَعمَال جي برڪت سان قبر روشن ۽ ڪشادي ٿيندي آهي.

4 ڪم جن کان بچڻو آهي: **1**: ڪوڙ **2**:خيانت **3**:چغلي **4**:پيشاب جا ڇنڊا.[2]

---

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:110۔
2 ... تنبيہ الغافلين،صفحہ:19۔

## قبر ۾ ڪم ايندڙ پهريون عمل نماز

اهي عمل جيڪي قبر ۾ ڪم ايندا، انهن مان پهريون عمل آهي: نماز، الله جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: جيڪو نمازن جي لاءِ بهتر طَريقي سان وضو ڪري، وقت تي نماز ادا ڪري، رڪوع ۽ سجود خشوع و خضوع سان پُورا ڪري، اهو الله پاڪ جي ذمي تي آهي ته الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز تمام اعليٰ عبادت آهي. نماز دين جو ستون آهي ❖ نماز پياري آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اکين جي ٿڌاڻ آهي ❖ نماز بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضري جو ذريعو آهي نماز مومن جي معراج آهي ❖ نماز قربِ اِلٰهي جو وسيلو آهي ❖ نمازي کي الله پاڪ جي مدد ۽ نُصْرت ملي ٿي، نماز گُناهه مٽائي ٿي، نماز رُوح کي قرار ڏئي ٿي ❖ نماز ظاهر و باطن کي سنواري ٿي ❖ نماز رزق ۾ برڪتون آڻي ٿي ❖ نماز قبر ۾ ڪم ايندي ❖ نماز قبر جي گهبراهٽ کان بچائيندي ❖ نماز عذابِ قبر کان بچائيندي.

ہر عبادت سے بَرتَر عبادت نَماز
ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز
ہے مریضوں کو پیغامِ صِحَّت نَماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ
رب سے دلوائے گی تم کو جنَّت نَماز
پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ
قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نَماز
بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے
آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز

اچو! نيت ڪريون ٿا ته اڄ کان اسان جي ڪا نماز قضا نه ٿيندي، اسان پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪنداسين، خُدانخواسته پهريان جيڪڏهن ڪا نماز قضا ٿي آهي ته اها به جلد کان جلد ادا ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

---

[1]...ابوداؤد ، کتا ب الصلاۃ ، با ب المحا فظۃ علی وقت الصلوات،صفحہ:82،حدیث:425۔

## قبر ۾ ڪم ايندڙ پيو عَمَل: صدقو

اي عاشقانِ رسول! قبر جي اونداهي کي روشني ۾، قبر جي وَحشت کي امن و سڪون ۾ بدلڻ وارو پيو عمل آهي: صدقو ۽ خيرات. اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ فرمان آهي: اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَلٰي اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ بيشڪ صدقو قبر جي گرمي کي وسائي ٿو وَاِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِي ظِلِّ صَدَقَتِهٖ ۽ بِلاشُبہ مُسَلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صَدَقي جي ڇانوَ ۾ هوندو.[1]

قبر جي گرمي، قبر جي وحشت کان بچڻ لاءِ صدقو ۽ خيرات جي عادت بڻايو! بيشڪ صدقو (يعني راهِ خُدا ۾ ڪجهه ڏيڻ) وڏي فضيلت وارو ڪم آهي. صدقو برائين جا دروازا بند ڪري ٿو. صدقو قبر جي گرمي کان بچائي ٿو. صدقو گُناهن کي ايئن مٽائي ٿو جيئن پاڻي باهه کي وسائي ٿو. صدقو بلائن کي ٽاري ٿو. صدقو عمر ۾ برڪت جو سبب آهي. صدقو بُري موت کان بچائي ٿو. صدقو اللّٰه پاڪ جي غضب کي ٿڌو ڪري ٿو. صدقو ڪرڻ سان رزق ۾ برڪت ٿئي ٿي، صدقو ۽ خيرات سان غربت مٽجي ٿي، صدقو رحمتِ اِلٰهي ماڻڻ جو ذريعو آهي. لهٰذا اڄ جي بابرڪت رات ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي سٺي نيت بہ ڪريو! زڪوٰة فرض ٿئي تہ پُوري زڪوٰة ادا ڪرڻ جي نيت ڪريو، صدقہء فطر ڏيڻ جي نيت ڪريو، هن کان عِلاوه نفلي صدقا بہ ڪرڻ گهرجن، جيڪي ويچارا غريب آهن، آمدني گهٽ آهي، ان کي بہ گهرجي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ صدقو ضرور ڪن، چاهي هڪ روپيو ئي ڪن، بهرحال صدقو ڪرڻ ئي گهرجي. اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي توفيق عطا فرمائي.

الحمدللّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي سڄي دنيا ۾ ڌوم ڌام آهي، دعوتِ اسلامي خدمتِ دين جي ڪم و بيش 82 شعبہ جات ۾ ديني ۽ فلاحي ڪم ڪري رهي آهي، مثلاً شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي درسِ

---

[1]... شُعَبُ الايمان، باب الزكاة،جلد:3،صفحہ:212،حديث:3347۔

نظامي(عالم ۽ عالمہ ڪورس ڪرائڻ) ۽ ٻيا ديني علوم سيکارڻ جي لاءِ **جامعة المدينہ** قائم آهي، جنهن جي ذريعي هاڻي تائين هزارين عالم سگهورا تيار ٿي ڪري زندگي جي مختلف شعبن ۾ پنهنجون ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هزارين اسلامي ڀينرون بہ عالمہ ڪورس(يعني درس نظامي) ڪري چڪيون آهن. **مدرسة المدينہ** ۾ ٻارن ۽ ٻارڙين کي قرآنِ ڪريم حفظ و ناظران جي تعليم ڏني ويندي آهي. الحمدللّٰہ! هاڻي تائين هزارين حافظ قرآن تيار ٿي چڪا آهن. **مدني چينل**(دعوتِ اسلامي جو ٽن زبانن اردو، انگريزي ۽ بنگالي ۾ هلڻ وارو ميڊيا چينل)، جنهن جي نشريات دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ڏٺي وڃي ٿي. **فيضانِ آنِ لائن اڪيڊمي:** قرآنِ ڪريم حفظ و ناظران جي تعليم ڏيڻ، آن لائن درس نظامي(يعني عالم ڪورس) ۽ 55 کان وڌيڪ مختلف ڪوسز آن لائن ڪرائڻ وارو ادارو آهي، جنهن جي ذريعي هزارين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون آن لائن علمِ دين سکڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن. انهيءَ طرح سڄي دنيا ۾ مسلمانن جي خيرخواهي ۽ مختلف مصيبتن وقت مدد جي لاءِ **ايف جي آر ايف** ڊيپارٽمنٽ قائم آهي.

اوهان بہ علمِ دين جي اشاعت ۽ خدمتِ دين جي هن عظيم ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو، پنهنجي زڪوٰة، فطرو ۽ ٻيا صدقات ۽ خيرات دعوتِ اسلامي کي ڏيو.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون ڀلايون نصيب ٿينديون. اللّٰہ پاڪ اسان کي دينِ اسلامي جي سربلندي جي لاءِ ڪوشش ڪري هنن شعبن ۾ دعوتِ اسلامي ساندل کولي راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قبر ۾ ڪم ايندڙ ٽيون نيڪ عَمَل: تلاوتِ قرآن

اي عاشقانِ رسول! قبر ۾ ڪم ايندڙ نيڪ عملن ۾ ٽيون نيڪ عَمَل آهي:

تِلاوتِ قرآنِ ڪريم. قرآنِ ڪريم الله پاڪ جو ڪلام آهي. تِلاوتِ قرآن سان رحمت ملي ٿي. تِلاوت جي برڪت سان مصيبت ٽري ٿي. تِلاوت جي برڪت سان غم پري ٿين ٿا. تِلاوت ڪرڻ سُنّتِ مُصطفيٰ آهي. تلاوت ڪرڻ صحابہ جو طريقو آهي. تِلاوت قيامت جي هولناڪي کان بچائي ٿي ۽ تِلاوت جي برڪت سان قبر روشن ٿئي ٿي، قبر جي عذاب ۽ وحشت کان نجات ملي ٿي.

## عاشِقِ قرآن جي ڇا ڳالھ ڪجي

منقول آهي تہ حضرتِ ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا. پاڻ ڏينهن جو روزو رکندا هئا ۽ سڄي رات قِيام (عبادت) ڪندا هئا، جنهن مسجد وٽان لنگهندا هئا ان ۾ ٻہ رڪعتون "تَحِيَّةُ المسجِد" ضرور پڙهندا هئا. حضرت ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي نماز ۽ تِلاوت سان خصوصي محبت هئي، ان جي برڪت سان مٿن اهڙو تہ ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، منقول آهي: جڏهن بہ ماڻهو سندن مزارِ پُرانوار جي ويجهو کان گذرندا هئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوت جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو.[(1)]

جَبیں میلی نہیں ہوتی دَہن میلا نہیں ہوتا | غلامانِ محمد کا کفن میلا نہیں ہوتا

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نيت ڪريو تہ قبر جي وحشت ۽ تنهائي کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪمائڻ جي لاءِ اسان بہ تِلاوتِ قرآن ڪنداسين. رمضان المبارڪ بہ اچڻ وارو آهي، هن ڀيري رمضان المبارڪ ۾ قرآنِ ڪريم مڪمل پڙهڻ جي نيت ڪريو! بلڪ هڪ ڇو؟ 5 قرآنِ ڪريم ختم ڪيو! امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رمضان المبارڪ ۾ 61 قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا. جنهن کان ٿي سگهي امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيروي ڪري. ڏينهن رات تِلاوت ۾ مَصروف رهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيم! برڪتون ئي برڪتون ٿينديون. رمضان المبارڪ اچڻ کان ڀِهريان بہ تِلاوت ڪرڻي آهي، اڄ ئي کان تِلاوت شروع ڪريو. الله پاڪ اسان سڀني کي توفيق بخشي، ڪاش! قرآن ۽ تِلاوتِ قرآن سان اهڙي محبت ٿئي جو

---

[1]... حلية الاولیا ،جلد:2،صفحہ:364 و366 ، ملتقطاً۔

تمام فضوليات ڇڏي ڏيون ۽ اسان بس قرآن ئي جا ٿي وڃون.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

یہی ہے آرزو تعلیمِ قرآن عام ہو جائے | تلاوت کرنا میرا کام صبح و شام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نمازِ تراويح جا فضائل

اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان المبارڪ جي آمد آمد آهي، روزن ۽ سحر و افطار سان گڏوگڏ تراويح جون بہ بهارون هونديون، حفاظِ ڪرام نمازِ تراويح ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌائڻ جي سعادت ڪندا ۽ خوش نصيب عاشقانِ رسول قرآنِ ڪريم ٻڌي ڪري ثواب ڪمائيندا. اللّٰه ڪريم اسان کي خير و عافيت سان رمضان تائين پهچڻ نصيب فرمائي. اسان روزا بہ رکون، تلاوت بہ ڪيون ۽ خوب ذوق ۽ شوق سان نمازِ تراويح بہ ادا ڪيون. اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو رمضان ۾ ايمان سان ۽ ثواب جي طلب جي لاءِ قيام ڪري (مثلاً تراويح پڙهي)، ان جا گذريل (صغيره) گناهہ بخشيا ويندا.[1] هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: بيشڪ اللّٰه پاڪ رمضان جا روزا توهان تي فرض ڪيا ۽ مون توهان جي لاءِ رمضان جي قيام کي سنت قرار ڏنو آهي تنهنڪري جيڪو شخص رمضان ۾ روزا رکي ۽ ايمان سان ۽ حصولِ ثواب جي نيت سان قيام ڪري(يعني تراويح پڙهي) تہ اهو پنهنجي گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن ولادت جي ڏينهن ان کي ان جي ماءُ ڄڻيو هو.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** تراويح سنت مؤڪده آهي. تنهنڪري ضروري آهي تہ ان ۾ هرگز سستي نہ ڪئي وڃي.

---

1... مسلم، ڪتاب صلاة المسافرين، صفحہ:275، حديث:759

2... نسائی، کتاب الصیام ، صفحہ:369، حديث:2207

## قبر ۾ ڪم ايندڙ چوٿون عمل: ذڪرِ الٰهي

پيارا اسلامي ڀائرو! فقيہ ابو الليث سمر قندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه قبر ۾ ڪم ايندڙ جيڪي 4 عمل ٻڌايا آهن، انهن مان چوٿون عمل آهي: ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ. هي بہ تمام پيارو، وڏي فضيلت وارو نيڪ عَمَل آهي. اسان جي آقا ۽ موليٰ، مُحَمَّد مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن بہ ماڻهو ذِڪرُ الله جي لاءِ گڏ ٿيندا آهن تہ ملائڪ انهن کي گهيري وٺندا آهن، الله پاڪ جي رحمت انهن کي آغوش ۾ وٺندي آهي ۽ انهن تي سڪينہ نازِل ٿيندي آهي.[(1)]

ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ جا گهڻا فائدا آهن، ذِڪر جي ڪثرت سان دِل ۾ نُور پيدا ٿيندو آهي. ڪثرتِ ذِڪر سان خُدا جو قرب ملندو آهي، ڪثرتِ ذِڪر سان گُناهہ متجندا آهن، ڪثرتِ ذِڪر انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي سُنّت آهي. ڪثرتِ ذِڪر سان دِلين جو زِنگ پري ٿئي ٿو. ڪثرتِ ذِڪر سان دُنيا ۾ امن ملي ٿو ۽ ڪثرتِ ذِڪر سان قبر روشن ٿئي ٿي.

الله پاڪ اسان کي ذِڪرُ الله جي ڪثرت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ

## قبر ۾ نقصان ڏيندڙ 4 عمل

پيارا اسلامي ڀائرو! هي 4 نيڪ عمل (نماز، صدقو، تلاوت ۽ ذِڪرُ الله جي ڪثرت، هي اهي عمل آهن جيڪي) قبر ۾ ڪم ايندا آهن، قبر روشن ڪندا آهن ۽ قبر جي عذاب کان بچائيندا اهن. فقيہ ابو الليث سمر قندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي بيان مطابق 4 بُرا عمل اهي آهن جيڪي قبر جي عذاب جو سبب آهن، جيڪو قبر ۾ سلامتي جو خواهش مند آهي، ان تي لازِم آهي تہ انهن 4 چار گُناهن کان بچندو رهي.

---

[1]…مسلم، كتاب الذكر و الدعا ، باب فضل الاجتماع على تلاوة ، صفحہ:1039، حديث:2700۔

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ ڪوڙ کان بچو!

انهن مان پهريون عَمَل آهي: ڪوڙ. صادِق و امين نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪوڙ گُناهه ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ گُناهه جهنّم ۾ وڃڻ جو سبب آهي. بيشڪ ٻانهو ڪوڙ ڳالهيندو رهي ٿو، ايستائين جو الله پاڪ جي نزديڪ ڪذّاب (تمام وڏو ڪوڙو) لکيو ويندو آهي.[1]

ڪوڙ جي تعريف، ان جي مثالن ۽ عذابن جي متعلق معلومات جي لاءِ شيخ طريقت اميراهلسنت جو رسالو بنام ”ڪوڙو چور“ پڙهو.

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ خيانت کان بچو!

قبر ۾ نقصان ڏيڻ وارو ٻيو بُرو عَمَل آهي: خيانت. يعني ڪنهن جي رکايل امانت ۾ ناجائِز(طريقي سان) ردّ و بدل ڪرڻ يا امانت واپس نه موٽائڻ. حضرت مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڌوڪو ۽ خيانت باهه ۾ آهي، ڌوڪو ڏيڻ ۽ خيانت ڪرڻ مسلمانن جا اَخلاق نه آهن.

جو دُکانیں خِیانت سے چمکائیں گے ! | کیا اُنہیں زَر کے اَنبار کام آئیں گے ؟
قہرِ قہّار سے کیا بچا پائیں گے ؟ | جی نہیں، نارِ دوزخ میں لے جائیں گے
مالِ دنیا ہے دونوں جہاں میں وبال | آئیگا قبر میں ساتھ ہر گز نہ مال[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ چغلي کان بچو!

قبر جي عذاب جو سبب بڻجڻ وارو ٽيون گُناهه چغلي آهي. فساد ڪرائڻ جي لاءِ هڪ شخص جي ڳالهه ٻي تائين پهچائڻ کي چغلي چئبو آهي.[3] الله پاڪ

---

1 ... بخارى ، كتاب الادب،صفحه:1515، حديث:6094۔

2 ... وسائلِ بخشش،صفحه:655۔

3 ... شرح مسلم للنووى،جلد:1، صفحه:12۔

جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **چغل خوري ڪرڻ وارن ڪي اللّٰه پاڪ** (قيامت جي ڏينهن) ڪتّن جي شڪل ۾ اُٿاريندو.[1] **اللّٰه پاڪ جي پناهہ!** **اللّٰه پاڪ** اسان کي غيبت، چغلي ۽ هر طرح جي گُنَاهن کان بچڻ جي توفيق عطا فرماءِ. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## قبر ۾ سلامتي جي لاءِ پاڪيزه رهو

قبر ۾ نقصان پهچائڻ وارو چوٿون ۽ آخري بُرو عَمَل آهي: پيشاب جي چِنڊن کان نہ بچڻ. **اللّٰه پاڪ** جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: گهڻو ڪري قبر جو عذاب پيشاب (جي چِنڊن کان نہ بچڻ) جي ڪري ٿيندو آهي.[2]

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! **اللّٰه پاڪ** اسان کي قبر جي عذاب کان محفوظ فرمائي. قبر جي تنگي ۽ وَحشت کان بچڻ جي لاءِ اسان ڪُل 8 ڪم ٻُڌا. **انهن مان 4 ڪم اختيار ڪرڻا آهن:** 1:نماز جي پابندي ڪرڻي آهي 2:صدقو خيرات جي عادت بنائڻي آهي 3:ڪثرت سان تِلاوت ڪرڻي آهي ۽ 4: ذِڪرُ اللّٰه جي ڪثرت ڪرڻي آهي. ۽ **4 ڪمن کان بچڻو آهي:** 1: ڪوڙ ناهي ڳالهائڻو 2: خيانت ناهي ڪرڻي 3: چغلي خوري کان بچڻو آهي ۽ 4: پيشاب جي چِنڊن کان بچڻو آهي. هي 8 ڪم ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيم! **اللّٰه پاڪ** جي رحمت سان عذابِ قبر کان محفوظ ٿئي وينداسين. **اللّٰه پاڪ** اسان سڀني تي رحم فرمائي! ڪاش! اڄ جي بابرڪت رات ۾ اسان سڀئي بخشش ۽ مغفرت جي خيرات ماڱڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

---

[1] … الجامع فی الحدیث، باب العزلۃ، صفحہ:534، حدیث:428۔

[2] … ابن ماجۃ،کتاب الطہارۃ ،باب التشدیدفی البول،صفحہ:69،حدیث:348۔

## رمضان جي روزن جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! ٻيهر رمضان المبارڪ جي آمد آهي، اچو! ترغيب جي لاءِ رمضان المبارڪ جي روزن ۽ اعتڪاف جون ڪجھ فضيلتون ٻڌي ونون ٿا: مختلف روايتن جي مطابق. ❁ روزيدار جو سمهڻ عبادت آهي. ❁روزيدار جي دعا ۽ عمل مقبول ٿيندو آهي. ❁ روزيدار جي لاءِ ملائڪ سڄ لهڻ تائين مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن. ❁ روزيدار جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن. ❁ روزيدار کي الله پاڪ جنتي ڦل کارائيندو. ❁ روزيدار کي الله پاڪ جنتي شراب مان سيراب ڪندو. ❁ روزيدار جي لاءِ قيامت جي ڏينهن سون جو دسترخوان لڳايو ويندو. ❁ روزيدار جو روزو ان جي گذريل گناهن جو ڪفارو بڻجي ويندو. ❁ روزيدار جي چهري کي الله پاڪ جهنم کان 70 سال جي مسافت پري ڪري ڇڏيندو.[1]

جيڪو نادان ڪنهن شرعي مجبوري جي بغير رمضان جو روزو ڇڏي ڏئي ته اهو سخت گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي، روايتن جي مطابق رمضان شريف جو هڪ روزو جيڪو ڪنهن عذر شرعي جي بغير ڄاڻي واڻي ضايع ڪري ڇڏي ته هاڻي سڄي عمر روزو رکندو رهي تڏهن به اُن ڇڏيل هڪ روزي جي فضيلت نٿو ماڻي سگهي.[2]

الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان کي پنهنجي قهر ۽ غضب کان بچائي، ماهِ رمضان المبارڪ جا سيئي روزا خوش دلي سان، ذوق ۽ شوق سان رکڻ جي توفيقي نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## اعتڪاف جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ملڪ ۽

---

[1]... فيضان رمضان ، صفحہ:84تا86 ماخوذاً

[2]... فيضان رمضان ، صفحہ:88 تا89 ماخوذاً

بيروني ملڪ هزارون مقامات تي اجتماعي اعتڪاف ڪرايو وڃي ٿو، اعتڪاف ماهِ رمضان المبارڪ تي گناهن کان بچي ڪري نيڪين ۾ گذارڻ جو بهترين طريقو آهي، هاڻي کان اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪيو. اچو! اعتڪاف جي فضائل تي 3 احاديث ٻڌون ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو الله پاڪ ان جي ۽ جهنم جي درميان 3 خندقون حائل ڪري ڇڏيندو، هرخندق جي مسافت(يعني دوري) مشرق ۽ مغرب جي فاصلي کان به وڌيڪ آهي.[1] ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه، طيبه، طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي: مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَاناً وَ اِحْتِسَاباً غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِه جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناهه بخشيا ويندا.[2] هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جنهن رمضان المبارڪ ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو اهو ايئن آهي جيئن 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا.[3]

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ، گُنَاهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ به خوب حصو وٺو! هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! دين ۽ دنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم نيڪ اعمال به آهي.

الحمد لله! شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مُريدن،

[1] ... شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الاعتکاف، جلد:3، صفحہ:425، حديث:3965

[2] ... جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480

[3] ... جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479

طالِبن ۽ مُحِبّن بلڪ سڄي دُنيا جي عاشقانِ رسول کي پنهنجي اِصلاح جو بهترين نسخو ڏنو آهي ۽ اهو آهي: رسالو نيڪ اَعْمَال. هي مختصر رِسالو مکتبة المدينہ تان طلب ڪيو، چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽس تان ڊاؤنلوڊ ڪريو بلڪ مزيد آساني چاهيو ٿا تہ پنهنجي موبائل ۾ Naik Amaal ايپلي ڪيشن ڊاؤنلوڊ ڪريو، ان کي پڙهو، ان جي مُطابق روزانو پنهنجي اَعمَال جو جائزو وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيم! گُنَاهن کان بچڻ ۽ نيڪيونڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دِل جي پاڪيزَگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو نکرجي، خوب صُورت ٿي ويندو.

## سڄو گهر نمازي بڻجي ويو

ضلعي اَٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گُنَاهن سان پرپُور زندگي گذاري رهيو هئس، فلمون ڏسڻ، آواره گردي، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامِل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد ويس، مغرب نماز کان بعد بيان ٻُڌي گهڻو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارُف ڪرايو، رسالو نيڪ اعمال ۾ نيڪين سان ڀريل زِندگي گذارڻ جا مدني گل ڏسي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي، هن رسالي جي صُورت ۾ شيخِ طريقت، امير ِاهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اِصلاحِ اُمَّت جي لاءِ تڙپ ڏسي مون هٿوهٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏنو ۽ عطّاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامِل ولي سان نسبت جا ٿي، دِل گُنَاهن کان بيزار ۽ نيڪين ڏانهن مائل ٿي وئي، مون گُنَاهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دِل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اَخلاق سَنوَرجڻ لڳا، منهنجي هن تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي بہ سٺو اَثر ٿيو، الحمد لله! آهستہ آهستہ سڄو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطّاري ٿي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گُنَاهن

پري چينلز جي بدران مدني چينل هلڻ لڳو.[1]

خوب مدنی قافلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین
مدنی انعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین[2]

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ هاڻي مدني انعامات کي نيک اَعْمَال چيو وڃي ٿو .

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَن اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَد اَحَبَّنِي وَمَن اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الجَنَّة جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[3]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## لباس بابت سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: 1: جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگھڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ اللّٰهِ چئي.[4]
2: جيڪو قدرت باوُجُود زيب وزينت جو لباس پائڻ تواضُع(يعني عاجِزي) طور تي ڇڏي ڏيندو، الله تعالي ان کي ڪرامت جو حُلّو (لباس)پارائيندو.[5]
اي عاشقان رسول! اسان جي آقا و موليٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو ❖ لباس حلال ڪمائي مان هجي ❖ جيڪو

[1] ...دلوں کا چین، صفحہ:4۔
[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔
[3] ...مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔
[4] ... معجم اوسط،جلد:5،صفحہ: 200،حدیث:7066۔
[5] ... ابو داؤد،کتاب الادب،باب من کظم غیظا،صفحہ: 753،حدیث:4778۔

لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي ❖ مَنقُول آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌو، يا بيهي ڪري سَراوِيل (يعني پاجامو يا سلوار) پاتي تہ الله ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا ناهي. ❖ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ ❖ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ❖ بهارِ شريعت ۾ آهي: سنت هي آهي تہ دامن جي ڊيگهہ اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهہ وڌ مان وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي ❖ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي ❖ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي، ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو ❖ بهارِ شريعت ۾ آهي مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، دُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. هن زماني ۾ ڪئي اهڙا آهن جيڪي تهبند (گوڏ) ائين پائيندا آهن جو پيڙو (يعني دُن جي هيٺ) جو ڪجهہ حصو کليل رهندو آهي ❖ جيڪڏهن ڪُرتي وغيره سان اهڙي طرح ڍڪيل هجي جو جِلد (يعني کل) جي رنگت نہ چمڪي تہ خير، نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿائي برابر کليل رهي تہ نماز نہ ٿيندي. خصوصاً حج و عمري جي اِحرام وارن کي هن ۾ سخت احتياط جي ضرورت آهي ❖ اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو سر عام ماڻهن جي سامهون نيڪر (هاف پينٽ) پائي گهمندا آهن جنهن سان انهن جا گوڏا ۽ رانون نظر ايندئون آهن هي حرام آهي، اهڙن جي کليل گوڏن ۽ رانن ڏانهن نظر ڪرڻ بہ حرام آهي، بالخصوص راند روند جي ميدان، ورزش جي جڳهن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي اهڙا منظر گهڻا هوندا آهن . تنهنڪري اهڙن

جڳهن تي وڃڻ لاءِ سخت احتياط ضروري آهي ❖ تڪبّر جي طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خُدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
علم حاصل کرو، جہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]… 550سنتيں اور آداب، صفحہ:51 و 54۔